# ۴. مزيدار پاڇو

پڙهو ۽ ڳايو.



عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

اِهو ڪارو ڪارو مزي موڄ وارو،
صفا هوبهو آ، مون جهڙو پيارو،
ڪڏهن به نہ مونکان ٿئي ڌار پاڇو،
عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

اَڪيلو نہ گهاري، گڏ آهي گيدي،
سندس رنگ ڪارو، پڪو آهہ شيدي،
هو گونگو، ڪري ڪا نہ گفتار پاڇو،
عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

جتي آءٌ گهاريان، اُتي هو بہ گهاري،
صبح شام مون ساڻ گڏ تو گذاري،
نہ ٿئي ڌار جيڪو، اُهو يار پاڇو،
عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

نہ تو ڊيري ڊيري وڏي، ٻارڙن جيان،
ڪڏهن ڏس وڏو ٿي وڃي، تو وٺن ڪان،
ڪڏهن ڏس نہ آهي، ننڍڙو ٻار پاڇو،
عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

اُٿيس مان سويرو، هو پريات ويلو،
ڏٺم ڪيس غائب، هيس مان اَڪيلو،
نہ هوندو اُٿيو نند مان، يار پاڇو،
عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

**نوان لفظ :**

هوبهو - بلڪل ساڳيو  
پريات - اَسُر، صبح جو سويل  
گهاري - گذاري  
گيدي - ڪانئر، ڊڄڻو  
گفتار - گفتگو  
گونگو - جيڪو ڳالهائي نہ سگهي

## اَڀياس

سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو:-

١) ڀاڇو ڪهڙي رنگ جو آهي؟
٢) ڀاڇو ڳيدي ڪيئن آهي؟
٣) ڪوئيءَ ڀاڇي کي ڪنهن وقت غائب ڏٺو؟
٤) ڀاڇو ڪوئيءَ جو يار ڪيئن آهي؟

سوال ٢ : هيٺين ۾ خال ڀريو:-

١) صفا .......... آ، مون جهڙو پيارو.
٢) اَڪيلو نہ ڳهاري .......... آهي ڳيدي.
٣) ڪڏهن ڏس تہ آهي .............. يار ڀاڇو.

سوال ٣ : جوڙا ملايو:-

| | |
|---|---|
| ١) اِهو ڪارو ڪارو | ڳڏ تو گذاري |
| ٢) هوڳونگو | هو پرياٽ ويلو |
| ٣) صبح شام مون ساڻ | مزي موڄ وارو |
| ٤) اُٺيس مان سويرو | ڪري ڪانہ گُفتار ڀاڇو |

سوال ٤ : ساڳئي اُچار وارن لفظن جا جوڙا ملايو:-

ڳيدي، يار، مُنهنجو، ننڍڙو، ٻار، شيدي، تُنهنجو، وڏڙو

| | | | |
|---|---|---|---|
| (١)................<br>................ | (٢)................<br>................ | (٣)................<br>................ | (٤)................<br>................ |

سوال ٥ : بيت جون سٽون لکي پوريون ڪريو:-

١) اَڪيلو نہ ڳهاري ................................... گُفتار ڀاڇو.
٢) اهو ڪارو ڪارو ........................................ ٿئي ڏار ڀاڇو.

هدايت :- ١) ماستر شاگردن کي بيت سُر تال ۾ ڳائي ٻڌائيندو ۽ شاگردن کان چوائيندو.
٢) ماستر شاگردن کي هٿ جي آڱرين سان اَلبَ اَلبَ آڪار جا ڀاڇا ناهي ڏيکارڻ لاءِ همٿائيندو.
مشغولي :- ماستر شاگردن کي ڀاڇو ۽ عڪس جي وچ ۾ فرق سمجهائيندو.

## پورڪ اَڀياس

١- بيت جي آڌار تي خاڪو پورو ڪريو.

| لفظ | واسطيدار لفظ | لفظ | واسطيدار لفظ |
|---|---|---|---|
| ١. مان<br>٢. جيڪو ٻالهائي نہ سگهي<br>٣. وقت | ........................<br>........................<br>........................ | ٤. بلڪل ساڳيو<br>٥. نظر کان پري<br>٦. جُدا | ........................<br>........................<br>........................ |

# پاڃين جو مارڪيٽ

ڏسو، ڄاڃيو ۽ ٻڌايو.



هدايت : ١. ماستر شاگردن کي چتر بابت ڳالھ ٻولھ ڪرائي ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.
٢. ماستر شاگردن کان پاڃين جي مارڪيٽ جي آزمودي بابت ڳالھ ٻولھ ڪرائي پاڃين جي اَگھ بابت ڄاڻ لِکڻ لاءِ چوندو.